22 January 2026

# ذِڪرُالله جا 40 فائدا



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۽ آن لائن سنتن ڀريو بيان (For Islamic Brothers)

22 جنوري، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 2 شعبان شريف، 1447ھ) تي پاڪستان
پر ۾ دعوتِ اسلامي جي هفيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ذِڪرُ الله جا 40 فائدا

هن بيان ۾ توهان ڇاٽي سگهندؤ...

✿... ماهِ شعبان نئين عملي سال جو مهينو آهي
✿... اُمّت مُسّلمہ جو خصوصي شان
✿... متن تي ڪارا ڪانوَ وينا هئا (واقعو)
✿... ذِڪرُ الله جا 40 فائدا

پیشکش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله   وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله   وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: كَثْرَةُ الذِّكْرِ وَ الصَّلَاةُ عَلَيَّ تَنْفِي الْفَقْرَ

ترجمو: الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درود شريف پڙهڻ غربت کي ختم ڪندو آهي. [1]

اَلسَّلَام اے بادشاہِ دو جہاں! | اَلسَّلَام اے سرورِ کون و مکاں!
اَلسَّلَام اے نورِ ایماں اَلسَّلَام | اَلسَّلَام اے راحتِ جاں اَلسَّلَام
مانگتے پھرتے ہیں سلطان و امیر | رات دن پھیری لگاتے ہیں فقیر
غمزدوں کو آپ کر دیتے ہیں شاد | سب کو مل جاتی ہے منہ مانگی مراد
کیجیے رحمت حسنؔ پر کیجیے | دونوں عالم کی مرادیں دیجیے (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...القول البديع، صفحہ:135۔

[2]... ذوقِ نعت، صفحہ:294- 299 ملتقطاً۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّاتِ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، نيت ڪريو: ❖ الله پاڪ جي رضا لاءِ بيان ٻڌندس ❖ با ادب ويهندس ❖ خوب توجه سان بيان ٻڌندس.❖ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اڳتي وڌڻ وارو ڪير...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مُعاذ بن جبل رضی اللہ عنہ عظيمُ الشان صحابي آهن، پاڻ اهڙي شان جا مالڪ آهن جو هڪ ڏينهن مڪي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کين فرمايو: يَا مُعَاذُ اِنِّیۡ لَاُحِبُّكَ يعني اي معاذ! بيشڪ مان توسان محبت ڪريان ٿو.[2]

سُبۡحٰنَ الله! ڪيڏو بلند شان آهي...!! مولانا حسن رضا خان رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| الله کا محبوب بنے جو تجھے چاہے | اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو...!![3] |

وضاحت: يعني يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! جيڪو توهان سان محبت ڪرڻ شروع ڪري، الله پاڪ کيس پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي، هيءُ شان ته محبت ڪرڻ وارن جو آهي، پوءِ ان خوش نصيب جو شان ڪيڏو اعليٰ

[1] بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔
[2] عمل الیوم و اللیل لابن السنی، صفحہ:91، حدیث:118۔
[3] ذوقِ نعت، صفحہ:206۔

هوندو جنهن سان توهان محبت فرمايو...!! ان جو شان ڪيڏو نہ اعليٰ هوندو...!!

حضرت مُعاذ بن جبل رضی اللہ عنہ کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم جو فيض حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي موقعا نصيب ٿيا. انهن مان ڪيترائي واقعا پاڻ خود بہ بيان فرمايا آهن. هڪ روايت بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جو ذڪر آهي، اسان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم سان گڏ سفر ۾ هئاسين.

هلندي هلندي واٽ تي هڪ هنڌ تي ڪجھ ائين ٿيو جو ڪجھ صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم گھوڙا ڊوڙائيندي گھڻو اڳتي نڪري ويا، ۽ ڪجھ گھڻو پوئتي رهجي ويا. مان پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم جي ويجھو ويجھو هلي رهيو هئس. ان تي پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم فرمايو: يَا مُعَاذُ! اَيْنَ السَّابِقُوْنَ اي معاذ! اڳتي نڪري وڃڻ وارا ڪٿي آهن؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم! ڪجھ اڳتي نڪري ويا آهن، ڪجھ پٺيان اچي رهيا آهن. پاڻ صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم فرمايو: يَا مُعَاذُ! اِنَّ السَّابِقِيْنَ الَّذِيْن يَسْتَهْتَرُوْنَ بِذِكْرِ اللهِ يعني اي معاذ! (حقيقت ۾) اڳتي نڪري وڃڻ وارا تہ اهي آهن جيڪي ذڪرُ الله جو تمام گھڻو شوق رکن ٿا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيڏي نہ سبق آموز روايت آهي. هن ۾ رسولِ رحمت صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم جو تربيتي انداز بہ ملاحظہ ڪريو.

گھوڙن تي سوار صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم گھوڙا ڊوڙائي اڳتي نڪري ويا، هاڻي هي بلڪل هڪ عام معاملو هو، اسان وٽ بہ **ائين** روز ٿيندو آهي، ٿيندو ئي رهندو آهي، اسان عموماً گاڏي هلائيندا آهيون، نہ هلايو تہ گاڏين ۾

[1]... جَامِعُ العُلُوْمِ والحِكَم ، صفحہ:451۔

سفر ڪندا آھيون، روڊ تي ڪيتريون ئي گاڏيون ھونديون آھن، اسان آرام سان وڃي رھيا ھوندا آھيون تہ ڪا گاڏي اسان جي پرسان تيزيءَ سان اچي ڪري گذري ويندي آھي. اھا ڳالھ بظاھر معمولي آھي پر محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم ان بظاھر معمولي ڳالھ ڪي بہ فڪرِ آخرت ڏانھن موڙي ڇڏيو، حضرت معاذ رضی اللہ عنہ ۽ سندن وسيلي سان اسان گنھگارن جي تربيت فرمائي تہ اي مُعاذ...!! جيئن اڄ ھي ماڻھو گھوڙا ڊوڙائي اڳتي نڪري ويا، ھاڻي نظر بہ نٿا اچن، قيامت جي ڏينھن بہ ائين ئي ٿيندو، ڪيترائي ماڻھو ھوندا جيڪي تيزيءَ سان ٻين کان اڳتي نڪري جنت ۾ پھچي ويندا، اھي حقيقت ۾ اڳتي وڌڻ وارا آھن ۽ ھيءُ شان انھن خوش نصيبن جو ھوندو، جيڪي ذڪرُ الله جو گھڻو شوق رکندڙ آھن. سُبحان الله...!!

## اسان ۽ اسان جا شوق

اسان جھڙن عام انسانن جو ھڪ نفسياتي مسئلو آھي، اسان ريس (ڊوڙ) تمام گھڻي لڳائيندا آھيون، عربي ۾ ان کي مُسَابَقَہ چيو ويندو آھي، يعني ھڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

توھان معاشري تي غور ڪريو! ھڪ طرح جي اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ لڳل آھي،❖فلاڻي مھانگو موبائل ورتو، مان ان کان بہ مھانگو وٺندس❖فلاڻي 5 ھزار وارو لباس پاتو، مان 10 ھزار وارو پائيندس❖ فلاڻي ٻن منزلن وارو گھر ناھيو، مان چار منزلون ناھيندس❖فلاڻي ھڪ گاڏي ورتي، مان بہ وٺندس❖ فلاڻي ھڪ ڪاروبار شروع ڪيو، مان چئن ھنڌن تي شروع ڪندس، ائين ھڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ چاھيندي يا نہ چاھيندي لڳل ئي آھي. اسان ٻين کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ لڳل ئي رھندا آھيون.

پر...!! حديثِ پاڪ تي غور فرمايو! حقيقت ۾ اڳتي وڌندڙ ڀين ڪان سبقت ڪٽي ويندڙ ڪير آهي؟ فرمايائون: يَا مُعَاذُ! اِنَّ السَّابِقِيْنَ الَّذِيْنَ يَسْتَهْتَرُوْنَ بِذِكْرِ اللهِ يعني اي معاذ! (حقيقت ۾) اڳتي نڪري وڃڻ وارا تہ اهي آهن جيڪي ذڪرُ الله جو تمام گهڻو شوق رکن ٿا.[1]

ڪاش! اسان کي بہ هن معاملي ۾ واقعي ڀين ڪان اڳتي نڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

## ماهِ شعبان "نئين عملي سال" جو مهينو

الحمد لله! شعبان شريف جي آمد ٿي چڪي آهي، تمام فضيلت وارو مهينو آهي، هن مبارڪ مهيني جي فضيلت تي قربان وڃجي! جو محبوبِ رحمٰن، مڪي مدني سلطان صلّی الله علیه واله وسلّم هن مقدس مهيني کي پنهنجو مهينو فرمايو آهي، ارشاد ٿيو: شَعْبَانُ شَهْرِيْ وَ رَمْضَانُ شَهْرُ اللهِ يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله پاڪ جو مهينو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان شريف جي اهم ترين ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن مهيني ۾ نئين اعمالنامن جو آغاز ٿيندو آهي.

اسان وٽ نئين سال جي آغاز جا مختلف انداز آهن، جيئن: ❖ نئون اسلامي سال محرم شريف ڪان شروع ٿيندو آهي ❖ نئون عيسوي سال جنوري ڪان شروع ٿيندو آهي ❖ اهڙي طرح نئون تعليمي سال شروع ٿيڻ جو مهينو ٻيو آهي ❖ نئون معاشي سال شروع ٿيڻ جو مهينو ٻيو آهي ❖ ائين ئي سمجهو تہ شعبان شريف اهو مهينو آهي، جنهن جي 15 تاريخ تي اسان جي اعمالنامن جو نئون سال شروع ٿيندو آهي. روايتن موجب 14 شعبان شريف جي مغرب

---

[1]... جَامِعُ العُلُوْم والحِكَم، صفحہ:451۔
[2] تاريخ دمشق، جلد:72، صفحہ:155۔

جي وقت گذريل سال جا اعمالناما ويڙهيا ويندا آهن ۽ ايندڙ سال جا اعمالناما شروع ٿي ويندا آهن.[1]

يعني گذريل سال جا جيڪي اسان جا اعمالناما آهن، انهن لاءِ اسان وٽ صرف ڪجهه ڏينهن باقي آهن، پوءِ اهي اعمالناما ويڙهيا ويندا. هاڻي جڏهن ته وڏيڪ ذوق ۽ شوق سان اڳتي وڌڻ جا آخري ڏينهن آهن، ڪجهه ڏينهن آهن اسان کي گهرجي ته نيڪين ۾ بين کان اڳتي وڌڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون. ۽ ان جو طريقو ڇا هوندو...؟ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ السَّابِقِيْنَ الَّذِيْنَ يَسْتَهْتَرُوْنَ بِذِكْرِ اللهِ اڳتي وڌڻ وارا ته اهي آهن جيڪي ذڪرُ الله جو گهڻو شوق رکن ٿا.[2]

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، وڌ ۾ وڌ ذڪرُ الله جي سعادت ماڻيو! اِن شَاءَ الله! اسان جو اعمالنامو نيڪين سان ڀرجي ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪرُ الله جا تمام گهڻا فضائل آهن، ايترا جو اسان اندازو نٿا لڳائي سگهون، ڪجهه مبارڪ آيتون ۽ مبارڪ حديثون ٻڌندا!

## ذڪر جي ڪثرت ڪرڻ قرآني حڪم

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله پاڪ کي تمام گهڻو ياد ڪيو.

(سيپارو: 22، سوره احزاب: 41)

[1] التيسير فی التفسير، پاره:25، سورهٔ دخان، زير آيت:4، جز:13، صفحه:317۔

[2] ... جَامِعُ العُلُوْمِ والحِكَم ، صفحه:451۔

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّى الله عليه وآله وسلّم فرمايو: الله جو ذڪر ايتري ڪثرت سان ڪريو جو ماڻهو توهان کي ديوانو چون. [1]

## ذڪر ۽ درود جي هڪ خاصيت

سُبحان الله! هن آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو: تہ اسان کي الله جو ذڪر ڪرڻو آهي ۽ ڪيترو ڪرڻو آهي...؟ ڪثرت سان ڪرڻو آهي.

هي تمام گهڻي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، ذڪر ۽ درود هي 2 عبادتون آهن جن جو الله پاڪ حڪم ڏنو تہ انهن ۾ ڪثرت جو فرمايو، هي ٻئي اهڙيون عبادتون آهن جن جو شريعت ڪو وقت بہ مقرر نہ فرمايو، توهان ڏسو:❖ نماز فرض آهي پر ڏينهن ۾ 5 ڀيرا، هر نماز جو جُدا جُدا وقت مقرر آهي❖ روزو سحري کان شروع ٿيندو آهي ۽ افطار تي پورو ٿي ويندو آهي❖حج صرف ذُوالحج ۾ ئي ادا ڪيو ويندو آهي❖زڪوات جي بہ مقدار مقرر آهي پر ذڪر اها عبادت آهي جنهن جو وقت بہ مقرر ناهي، مقدار بہ مقرر ناهي بلڪ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾

ترجموڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله پاڪ کي تمام گهڻو ياد ڪيو.

(سيپارو: 22، سوره احزاب: 41)

اهڙي طرح درود ۽ سلام جو وارو آيو تہ نہ وقت جي قيد، نہ مقدار مقرر، بلڪ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

[1]...مسند امام احمد، مسند ابی سعید الخدری، جلد:5، صفحہ:189، حدیث:11971۔

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

(سيپارو: 22، سورهءِ احزاب: 56)

## پيارا آقا ڪثرت سان ذڪر ڪندا هئا

مسلمانن جي پياري امڙ سيده عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائين ٿيون: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ يَذْكُرُ اللّٰهَ عَلَى كُلِّ أَحْيَانِهِ يعني پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هر حال ۾ ذڪرُ الله ڪندا هئا.[1]

سُبحان الله! ڪيڏو شان آهي. اٿندي ذڪر، ويهندي ذڪر، هلندي ذڪر، ايندي ذڪر، ويندي ذڪر، مطلب تہ محبوب صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ هر حال ۾ الله جو ذڪر ڪندا هئا.

ڪاش! اسان کي بہ اها سعادت نصيب ٿي وڃي، اسان بہ بس ذڪرُالله ڪندا ئي رهون، ڪندا ئي رهون...!!

## ذڪرُالله کان خالي گهڙيون بيڪار آهن

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو:

مَنْ قَعَدَ مَقْعَدًا لَمْ يَذْكُرِ اللّٰهَ فِيهِ كَانَتْ عَلَيْهِ مِنَ اللّٰهِ تِرَةٌ

ترجمو: جيڪو ماڻهو ڪنهن هنڌ ويهي ۽ پنهنجي ان مجلس ۾ ذڪرُ الله نہ ڪري، ان جو اهو ويهڻ بيڪار آهي.[2]

وَمَنِ اضْطَجَعَ مَضْجَعًا لَا يَذْكُرُ اللّٰهَ فِيهِ كَانَتْ عَلَيْهِ مِنَ اللّٰهِ تِرَةٌ

---

[1] بخاري، كتاب الاذان، باب هل يتتبع المؤذن فاه...الخ، صفحہ:221۔

[2] ابو داود، كتاب الادب، باب كراهية ان يقوم الرجل...الخ، صفحہ:762، حديث:4856۔

ترجمو: جيڪو بستر تي ليٽي ۽ الله جو ذڪر نہ ڪري، ان جو اهو ليٽڻ بيڪار آهي.

وَمَا مَشَى اَحَدٌ مَمْشًى لَايَذْكُرُ اللّٰهَ فِيهِ اِلَّا كَانَتْ عَلَيْهِ مِنَ اللّٰهِ تِرَةٌ

ترجمو: ۽ جيڪو ڪنهن واٽ تي هلي پر الله کي ياد نہ ڪري، ان جو اهو هلڻ بہ بيڪار آهي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: ڀانهو ويهي، تڏهن بہ الله جو ذڪر ڪري، هلي تڏهن بہ ذڪر ڪري، اُٿي تڏهن بہ ذڪر ڪري، ليٽي تڏهن بہ ذڪر ڪري، بس هر حالت ۾ الله جو ذڪر ڪندو رهڻ ايمان واري جو شان آهي.

## هڪ انمول نصيحت

هڪ ڀيري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ هڪ صحابي رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اِنَّ شَرَائِعَ الْاِسْلَامِ قَدْ كَثُرَتْ عَلَيَّ يعني يارسولَ الله! بيشڪ اسلام جا احڪام مون تي گهڻا ٿي ويا آهن، ڪو اهڙو عمل ارشاد فرمايو: جنهن کي مان مضبوطيءَ سان پڪڙي وٺان. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَايَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ يعني توهان جي زبان هميشہ الله پاڪ جي ذڪر سان آلي رهي.[2]

مفسرِ قرآن حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: شايد سوال ڪندڙ (يعني سوال پڇڻ واري صحابي رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه) جو سوال نفلن بابت هو( يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، نفلي عبادتون ڪوڙ آهن، انهن مان ڪا هڪ عبادت ٻڌايو جنهن کي مان مضبوطي

[1] ابن حبان، كتاب الرقائق، باب ذكر استحباب الذكر للہ...الخ، صفحہ:336، حديث:853۔

[2] ابن ماجہ، كتاب الادب، باب فضل الذكر، صفحہ:608، حديث:3793۔

سان پڪڙي وٺان) ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى الله عليه واله وسلَّم جن هي جواب ڏنو، مقصد هي آهي تہ هر وقت زبان تي ڪو نہ ڪو ذِڪرُ الله جاري رهي. الله اهڙي زندگي نصيب ڪري.[1]

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## توهان منهنجو ذڪر ڪريو! مان توهان جو ڪندس

سيپارو: 2، سورتِ بقره: 152 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَاذۡكُرُوۡنِیۡۤ اَذۡكُرۡكُمۡ

ترجموڪنزُالعرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندُس، (سيپارو: 2، سوره بقرة: 152)

تفسير نعيمي ۾ آهي: هن آيت جو خلاصو هي آهي تہ:❖ اي انسانو! منهنجو ذڪر ڪيو، ان جو نتيجو هي هوندو تہ جهان ۾ توهان جو چرچو ٿيندو ❖ توهان مون کي اطاعت سان ياد ڪريو! مان توهان کي رحمت سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي دعا سان ياد ڪريو! مان توهان کي عطا سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي حمد و ثنا سان ياد ڪريو! مان توهان کي نعمت سان ياد ڪندس ❖ توهان مون کي دنيا ۾ ياد ڪريو! مان توهان کي آخرت ۾ ياد ڪندس ❖ توهان مون کي راحت ۾ ياد ڪريو! مان توهان کي مصيبتن ۽ بلائن ۾ ياد ڪندس ❖ توهان مون کي مجاهدو (يعني نيڪين ۾ ڪوشش) سان ياد ڪريو! مان توهان کي هدايت سان ياد ڪندُس، اي انسانو! توهان چئو "يا رَبّي (اي منهنجا ربّ) مان چوندس: عَبۡدِي (اي منهنجا ٻانها) ❖ توهان

[1]...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:321۔

چئو مان گنهگار آهيان، مان غَفّار (يعني گهڻو بخشڻ وارو) آهيان.[1] حديثِ قدسي ۾ آهي، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ٻانهو منهنجو ذڪر ڪندو آهي، مان ان سان گڏ هوندو آهيان، جيڪڏهن هو دل ۾ مون کي ياد ڪري، مان کيس اڪيلو ئي ياد ڪندو آهيان، جيڪڏهن محفل ۾ مون کي ياد ڪري ته مان ان کان بهتر محفل (يعني ملائڪن جي سامهون) ياد ڪندو آهيان.[2]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ذڪرُ الله ڪيڏي عظيم عبادت آهي جو جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي، الله پاڪ پنهنجي شايانِ شان اُن جو ذڪر فرمائيندو آهي.

## اُمتِ مسلم جو خصوصي شان

علامہ قشيري رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ته حضرت جبرائيل علیہ السلام عرض ڪيو: يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم اسان توهان جي امت کي اها فضيلت ڏني آهي جيڪا ان کان پهريان ڪنهن ٻي امت کي عطا نه ڪئي وئي.

پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: اي جبرائيل! اها ڪهڙي فضيلت آهي؟ عرض ڪيائون: الله پاڪ جو هي فرمان:[3]

فَاذْكُرُوْنِیْۤ اَذْكُرْكُمْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندُس،

(سيپارو: 2، سوره بقرة: 152)

---

[1]...تفسير نعيمى، پاره:2 ، سورۂ بقره، زيرِ آيت:152، جلد:2، صفحہ:72۔

[2]... بخارى، كتاب التوحيد، باب قول الله تعالىٰ ويحذركم الله نفسه ، صفحہ:1787، حديث:7405.

[3] رسالہ قشيريہ، باب ذكر، صفحہ:258۔

يعني هيءَ فضيلت اڳين ڪنهن امت کي نہ بخشي وئي جو اهي الله پاڪ جو ذڪر ڪن تہ الله پاڪ انهن جو ذڪر فرمائي، هي صرف ۽ صرف اُمتِ مسلمہ جو شانُ آهي جو اسان غلامانِ مصطفيٰ ذُڪرُ الله ڪيون تہ الله پاڪ اسان جو ذڪر فرمائيندو آهي.

سُبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو: هونئن تہ ذڪرُ الله جا بيشمار فضائل آهن، پر هڪ گهڙي جي لاءِ ٿورو غور فرمايو! مثال طور جيڪڏهن ذڪرُ الله جي ٻي ڪا فضيلت نہ بہ هجي ها تہ صرف هيءَ هڪ فضيلت ڪيڏي وڏي آهي...!! جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي، الله پاڪ ان جو ذڪر فرمائيندو آهي.

## هاڻي مخلوق فريد فريد ڪري رهي آهي

پير مهر علي شاھ رحمۃ اللہ علیہ جيڪي وڏي مرتبي وارا عالمِ دين، سيد زادا ۽ نهايت ئي ڪامل ولي آهن، پاڻ هر سال بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ جي مزار تي حاضري ڏيندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ پاڪپتن کان تشريف کڻي ويا تہ ڪنهن بدمذهب پڇي ورتو: توهان تہ عالمِ دين آهيو، توهان بہ مزارُن تي ويندا آهيو؟ پير مهر علي شاھ صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن فرمايو: مان هتي قرآني آيت جي تفسير اکين سان ڏسڻ ايندو آهيان. ان بدمذهب حيران ٿيندي پڇيو: ڪهڙي آيت جي تفسير؟ فرمايائون: الله پاڪ جو فرمان آهي:

فَاذْكُرُوْنِیْۤ اَذْكُرْكُمْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندُس،

(سيپارو: 2، سوره بقرة: 152)

بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ اها هستي آهن، جن سڄي زندگي الله پاڪ جو ذڪر ڪندي

گذاري، هاڻي مان ڏسڻ ايندو آهيان تہ واقعي سندن چرچو تي رهيو آهي، اهي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا هئا، هاڻي مخلوق فريد فريد ڪندي آهي.[1]

## غافل تي شيطان مقرر ڪيو ويندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي.

(سيپارو: 25، سوره زخرف: 36)

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: شيطان جي سونڊ ماڻهو جي دل تي آهي، جڏهن ڀانهو الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي تہ هو سونڊ هٽائي وٺندو آهي ۽ جڏهن ماڻهو ذڪرُ الله کان غافل ٿيندو آهي تہ شيطان ان جي دل کي گِرهہ ٻڌائي وٺندو (يعني وسوسا وجهڻ لڳندو) آهي.[2]

## مٿن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا هئا

**منقول آهي**، هڪ مسلمان جِنّ حضرت امام ابو القاسم قشيري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو هڪ دوست هو. هڪ ڏينهن اهي ٻئي مسجد ۾ ويٺا هئا ۽ ماڻهو بہ موجود هئا، مسلمان جِنّ چيو: اوهان کي ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي؟ امام قشيري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جن فرمايو: تہ ها، هي ماڻهو ويٺا آهن، مونکي نظر اچي رهيا آهن. جنّ چيو: هنن کان علاوه ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي؟ فرمايائون: نہ. هاڻي مسلمان جنّ سندن اکين تي هٿ رکي وري هنايو ۽ چيائين: هاڻي ڏسو! امام

[1] ...مهرِ منير، صفحہ:430، 431 خلاصۃً.

[2] ... مسند ابی يعلیٰ، جلد:3، صفحہ:376، حديث:4301.

ابو القاسم قشيري رحمۃ اللہ علیہ جن ماڻھن جي طرف نگاھ ڪنئين تہ چا تا ڏسن تہ ماڻھن جي مٿن تي ڪارا ڪانوَ ويٺا آھن، انهن ڪانوَن جا وار وڏا وڏا آھن ۽ ھي وارَ ڪنھن جي چھري کي ڍڪي رھيا آھن، ڪنھن جي اکين تائين آھن، ڪنھن جي پيشاني تائين آھن. امام قشيري رحمۃ اللہ علیہ ھي عجيب منظر ڏسي حيرت وچان پڇيو: ھي چا معاملو آھي؟ سندن جنَّ دوست ھيءَ آيت پڙھي:

وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منھن ڦيري تہ اسان ان تي ھڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آھيون پوءِ اھو ان جو ساٿي رھندو آھي.

(سيپارو: 25، سوره زخرف: 36)

۽ چيائين: ھي اھي شيطان آھن جيڪي انهن تي مسلط ڪيا ويا آھن. انهن ۾ جيڪو غافل ٿيندو آھي، ان جي مٿي تي شيطان ڪانوَ جي شڪل ۾ ويھي رھندو آھي، جڏھن اھو ذڪر ڪرڻ لڳندو آھي تہ شيطان پري ڀڄي ويندو آھي.[1]

ذکرودرودہر گھڑی وردِزباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

الله پاڪ اسان کي غفلت کان نجات نصيب فرمائي. ڪاش! اسان ھر گھڙي ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف رھڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِین بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]...سبع سنابل، صفحہ:253۔

## وڏيڪ عظمت وارو ڪير؟

حضرت سَهل بن مُعاذ رضی اللہ عنہ پنهنجي والد صاحب کان روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري نوري محفل سجيل هئي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم تشريف فرما هئا، صحابهءِ ڪرام رضی اللہ عنہم بہ حاضر هئا، هڪ صحابي رضی اللہ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم! جهاد ڪندڙن ۾ وڏي عظمت وارو ڪير آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن فرمايو: ڪَثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْرًا يعني جيڪو الله جو ذڪر تمام گهڻو ڪندو هجي، اهو وڏيڪ عظمت وارو آهي. صحابيءِ رسول رضی اللہ عنہ ٻيو سوال ڪيو: يارسولَ الله صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم! روزيدارن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ (مثال طور 100 ماڻهو آهن ۽ 100 ماڻهن ئي روزو رکيو آهي، انهن مان وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟) پياري نبي، رسولِ هاشمي صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن فرمايو: ڪَثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْرًا يعني جيڪو الله پاڪ جو ذڪر تمام ڪثرت سان ڪرڻ وارو هجي. اهو ئي وڏيڪ عظمت وارو آهي.

حضرت سَهل بن معاذ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: اهي صحابي ائين ئي سوال ڪندا ويا، مثال طور يارسولَ الله صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم! نمازين ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ زڪوات ڏيندڙن ۾ وڏيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ ائين ئي هڪ هڪ عبادت جي متعلق سوال ڪندا ويا، ۽ پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم انهن سڀني سوالن جو هڪ ئي جواب ارشاد فرمائيندا رهيا: ڪَثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْرًا، ڪَثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْرًا يعني جيڪو الله جو ذڪر سڀ کان وڌيڪ ڪندو آهي. اهو وڏيڪ عظمت وارو آهي، جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي، اهو وڏيڪ عظمت وارو آهي.

مسلمانن جا پهريان خليفه، حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ حاضر هئا، انهن حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ کي مخاطب ڪندي چيو: اي عمر! ائين تہ ذڪرُ

الله ڪرڻ وارا سموريون ڀلايون ڪٺي ويا...!! پياري آقا، اِمامُ الانبياء، معراج جي گهوٽ صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جن فرمايو: اَجَل ها! (يعني اي ابوبڪر! ڳالھ ائين ئي آهي، جيڪو ذڪرُ الله جي ڪثرت ڪندو آهي، اهو سموريون ڀلايون ئي گڏ ڪري وٺندو آهي).[1]

## جلد ملندڙ افضل غنيمت

مسلمانن جا پيان خليفہ حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري رسولِ اڪرم نورِ مجسم صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جن هڪ لشڪر جنگ جي لاءِ موڪليو، هاڻي اهي صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم جنگ جي لاءِ ويا ۽ جلد ئي فتح حاصل ڪري گهڻو مالِ غنيمت ڪٺي واپس موٽي آيا.

انهن کي ڏسي ڪري هڪ صحابي رضی اللہ عنہ چوڻ لڳا: اسان هنن کان وڌيڪ تيز لشڪر ۽ افضل ڪا غنيمت ناهي ڏٺي. ان تي رسولِ رحمت، شفيعِ امت صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جن فرمايو: ڇا مان توهان کي ان کان بہ افضل غنيمت ۽ جلد موٽڻ وارن بابت نہ ٻڌايان؟ اها قوم جيڪا فجر جي نماز ۾ حاضر ٿئي، پوءِ اتي ئي ويهي ڪري الله پاڪ جو ذڪر ڪندا رهن، ايستائين جو سج اڀري وڃي، هي ماڻهو سڀ کان جلد موٽڻ وارا، افضل غنيمت وارا آهن.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ذڪرُ الله جا ڪهڙا ڪهڙا فضائل آهن. ڪاش! اسان کي ذڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ نصيب ٿي وڃي.

## ذڪر الله جا 40 فائدا

ڪتابن ۾ لکيل آهي: ❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان الله راضي ٿيندو آهي ❖ ذڪرُ الله شيطان کي ڀڄائيندو، ان کان جان ڇڏائيندو آهي ❖ ذڪرُ

---

1 ...معجم ڪبير، جلد:8،صفحہ:481، حديث:16812۔

2 ترمذی، ڪتاب احاديث شتی، صفحہ:814، حديث:3561۔

الله فِڪر و غمَ پري ڀڄائيندو آهي❖ ذڪرُ الله دل ۾ خوشي ۽ سڪون وڌائيندو آهي❖ دل ۽ بدن مضبوط بڻائيندو آهي❖ذڪرُ الله چهرو چمڪائيندو ۽ دل روشن ڪندو آهي❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان رزق وڌندو آهي❖ ذڪرُ الله ٻانهي کي محبوب ٻانهو بڻائيندو آهي❖ دل ۾ محبتِ الاهي وڌائيندو آهي❖ الله پاڪ جو قرب ڏياريندو آهي❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان معرفت ملندي آهي❖ گناهہ مٽجندا آهن❖ عذاب کان نجات ملندي آهي❖وحشت دور ٿيندي آهي❖ مشڪل وقت کان نجات ملندي آهي❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان سڪون نازل ٿيندو آهي❖ رحمت ملندي ۽ ملائڪن جو قرب نصيب ٿيندو آهي❖ ذڪرُ الله حسرت کان بچائيندو آهي❖ قيامت جي ڏينهن عرشِ اِلاهي جي ڇانوَ ڏياريندو آهي❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان دعائون قبول ٿينديون آهن❖ حاجتون پوريون ٿينديون آهن❖ ذڪرُ الله آسان نيڪي، افضل عبادت آهي❖ ذڪرُ الله جي برڪت سان جنت ۾ وڻ لڳندا آهن❖ ۽ ذڪرُ الله دنيا ۾، قبر ۾ ۽ پل صراط تي نور ڏياريندو آهي.[1]

## ذڪر الله جون مختلف صورتون

اي عاشقانِ رسول! ذڪرُ الله جون ڪيتريون ئي صورتون آهن:❖ مثال طور قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ بہ ذڪر آهي❖ الله پاڪ جا پيارا پيارا پاڪ نالا زبان سان ادا ڪرڻ ❖ الله الله چوندو رهڻ ❖ يا رحمٰن ، يا رحمٰن جي تسبيح ڪرڻ ❖ياغفّارُ، ياغفّارُ، يَاسَبِيْعُ، يَاسَبِيْعُ چوندو رهڻ، هي سڀ الله پاڪ جو ذڪر آهي ❖ غور و فڪر ڪرڻ بہ ذڪر آهي❖ الله پاڪ دنيا بڻائي ان دنيا جي عجائبات کي ڏسڻ ❖ ان جي ذريعي الله پاڪ جي شان ۽ عظمت ۽ قدرت جي متعلق غور ڪرڻ، هي اکين جو ذڪر آهي❖ ذڪرُ الله ٻڌڻ ڪنن جو ذڪر آهي❖ دل سان الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف رهڻ دل جو ذڪر آهي❖ نعتِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم پڙهڻ، يا ٻڌڻ بہ ذڪر آهي ❖ الله پاڪ

[1] نضرة النعيم، باب الذكر، جلد:5، صفحہ:2010-2013 ملتقطًا ملخصًا۔

جي محبوب ﭴانهن جو تذڪرو ڪرڻ❖ انهن جو ذڪرِ خير ٻڌڻ❖ انهن جي سيرت پڙهڻ هي بہ ذڪر آهي.

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُاللہِ علیہ فرمائن ٿا: ذڪرُ الله بالواسطہ بہ هوندو آهي ۽ بلاواسطہ بہ❖ الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جو تذڪرو يا انهن ڪي سوچڻ بلاواسطہ ذڪرُ الله آهي❖ ان جي محبوب جي محبت جو چرچو ڪرڻ، ڪين دشمنن جو بُرائي سان ذڪر ڪرڻ، سڀ بالواسطہ الله پاڪ جو ذڪر آهن، سڄو قرآن ذڪرُ الله آهي پر ان ۾ ڪٿي تہ خدا جي ذات ۽ صفات ذڪر ٿيل آهن، ڪٿي حضورِ انور صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جا اوصاف ۽ محامِد، ڪٿي ڪافرن جا تذڪرا.[1] ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت بهترين ذڪر آهي، معلوم ٿيو: هي سڀ ڳالهيون ذڪر ۾ شامل آهن.

## ذڪر جي عادت ڪيئن ٺاهيون؟

هڪ ڀيري الله پاڪ جي نبي، حضرت موسيٰ علیہِ السّلام الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: تہ مان اهڙي عبادت ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن ۾ مشقت ڪٺٽي پئجي. الله پاڪ فرمايو: منهنجو بلند آواز سان ذڪر ڪندو ڪر.

هاڻي حضرت موسيٰ علیہِ السّلام تہ الله پاڪ جا نبي آهن، جڏهن پاڻ الله پاڪ جو ذڪر ڪيو تہ مشقت تہ ڇا هئي، ڪين تمام گهڻو لطف آيو، پاڻ ٻئي ڏينهن ذڪر ڪيو تہ پهرين ڏينهن ڪان بہ گهڻو لطف آيو، اهڙي طرح جيئن جيئن پاڻ ذڪر ڪندا رهيا، لذت ۽ لطف ۾ اضافو ئي ٿيندو رهيو، پاڻ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون: اي الله پاڪ! مان تہ اهڙي عبادت چاهي رهيو هئس جنهن ۾ نهايت ئي مشقت ڪٺٽي پوي. تنهنجي ذڪر ۾ تمام گهڻو لطف آهي. الله پاڪ فرمايو: موسيٰ! هيءَ اوهان تي منهنجي مهرباني آهي جو اوهان کي منهنجي ذڪر ۾ لذت ملندي آهي، نہ تہ فرعون کي ڏسو جنهن

1...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:304 ملتقطاً

غرق ٿيڻ نہ پسند ڪيو پر هڪ پيرو منهنجو نالو پنهنجي زبان تي آڻڻ پسند نہ ڪيو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ذڪرُ الله جا فضائل تمام گهڻا آهن تہ ان سان گڏوگڏ ذڪرُ الله مشقت واري عبادت بہ آهي، جيڪڏهن اسان ذڪرُ الله جي عادت اپنائڻ چاهيون ٿا تہ ان جي لاءِ اسان کي گهڻو ڪجهہ ڇڏڻو بہ پوندو فضول ڳالهين کان زبان کي روڪڻو پوندو، بري صحبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو، شوشل ميڊيا جو استعمال صرف ۽ صرف ضرورت جي لاءِ ڪرڻو پوندو، اهڙين فضوليات جي قرباني ڏيڻي پوندي، تڏهن ئي تہ ذڪرُ الله جي طرف توجهہ رهندي، پوءِ وڃي هميشہ ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهي سگهنداسين.

الحمد لله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برکاتہم العالیہ نيڪين جو بي مثال جذبو رکندا آهن، هڪ ڀيري پاڻ عمامو شريف ٻڌي رهيا هئا، ان دوران سندن چپن کي حرڪت ٿي رهي هئي، پڇڻ تي فرمايائون: مان الله الله پڙهي رهيو آهيان تہ جيئن عمامو ٻڌڻ سان گڏوگڏ ذڪرُ الله بہ ٿيندو رهي. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ هڪ ڀيري مدني مذاڪري ۾ فرمايو: پاڻُ اينٽي ذڪر آهي، (يعني پاڻُ وات ۾ رکي ڪري ذڪر نہ ٿو ڪري سگهجي)، ان ڪري مان پان ناهيان کائيندو.

سبحانَ الله! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جون بہ نراليون ادائون هونديون آهن. الله پاڪ اسان کي بہ توفيق بخشي، اسان فضوليات کان بچون، زبان کي فضول ڳالهائڻ کان بچايون، پان وغيره جي عادت هجي تہ ان کان ڇوٽڪارو ماڻيون ۽ هر وقت ذڪرُ الله ۾ مصروف رهڻ جي عادت اپنايون.

---

[1]...سبع سنابل، صفحہ:260۔

## امامِ اعظم رحمۃُ اللہِ علیہ جو ذِکرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! 2 شعبان شريف تي امامُ الآئمہ، امامِ اعظم، امام ابوحنيفہ رحمۃُ اللہِ علیہ جو عرس مبارڪ آهي. اچو تہ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ذڪرِ خير ٻڌون ٿا:

## امامِ اعظم رحمۃُ اللہِ علیہ جو مختصر تعارف

سِراجُ الأُمَّہ (يعني امت جو روشن سج)، اِمَامُ الآئِمَّہ حضرت امامِ اعظم ابوحنيفہ رحمۃُ اللہِ علیہ جو مُبارڪ نالو: **نعمان**، سندن والد صاحب جو نالو: **ثابت**، جڏهن تہ ڪنيت: **ابوحنيفہ** آهي. اهڙي طرح سندن پورو نالو: **ابوحنيفہ نعمان بن ثابت** آهي. امامِ اعظم رحمۃُ اللہِ علیہ 70 هجريءَ ۾ عراق جي مشهور شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيا ۽ 80 سالن جي عمر ۾ 2 شعبان المعظم 150 هجريءَ تي وفات ڪيائون. سندن مزار مبارڪ بغداد شريف ۾ آهي.[1]

اميرِ اهلسنت دامت برکاتہم العالیہ، امامِ اعظم رحمۃُ اللہِ علیہ جو شان بيان ڪندي لکن ٿا:

هو نائبِ سرورِ دو عالَم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!
سراجِ اُمّت فقیہِ اَفْخَم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
ہے نام نُعمان اِبن ثابِت، ابو حنیفہ ہے ان کی کُنیت
پکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!(2)

**وضاحت:** امامِ اعظم امام ابوحنيفہ رحمۃُ اللہِ علیہ علم ۽ حڪمت ۾ رسولِ اڪرم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جا نائب آهن، امت لاءِ روشن سج آهن ۽ نهايت ئي ماهر مفتي ۽ عالمِ دين آهن.

---

[1]... نزہۃ القاری، صفحہ:169، 219 بتغیر قلیل۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:573۔

## هر نماز کان پوءِ دعا ڪندا ڪريو!

علامہ خَطيب تَبريزِي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ: آئمہءِ زُهد (يعني تصوف ۽ طريقت جا امام) فرمائن ٿا: اهلِ اسلام تي لازم آهي تہ پنهنجي نمازن کان پوءِ امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ لاءِ دعائون ڪن، ڇو تہ امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ ئي اهڙا عظيم هستي آهن، جن امت جي خيرخواهي ڪندي سنت ۽ علمِ فِقہ جي حفاظت فرمائي آهي.[1]

## امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ تابعي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا امام، امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ تابعي آهن، يعني پاڻ ❖حضرت انس بن مالڪ، ❖حضرت عبدالله زُبيدي، ❖حضرت جابر بن عبدالله، ❖حضرت مَعقل بن يَسار رضی اللہ عنہم جهڙن صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم جي زيارت بہ ڪئي آهي ۽ انهن مان ڪيترن ئي کان حديثون بہ ٻڌيون آهن.[2] ۽ تابعي جو ڇا تہ شان آهي؟ قرآني آيت ٻڌندا! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۰۰﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ٻيا اهي جيڪي ڀلائي سان انهن جي پيروي ڪرڻ وارا آهن انهن سڀني کان الله راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي آهن ۽ ان انهن جي لاءِ باغَ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، هميشہ هميشہ ان ۾ رهندا، اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. (سيپارو: 11، سوره توبهہ: 100)

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ هن آيتِ ڪريمہ

---

[1]...الخيرات الحسان،الفصل الثالث عشر،صفحہ:46۔

[2]...تبيض الصحيفہ بمناقب ابی حنيفہ،ذکر من ادرکہ من الصحابہ،صفحہ:33ملتقطًا۔

جو خلاصو بيان ڪندي لکن ٿا: يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم ۾ پهريان مهاجر ۽ انصار ۽ اهي ماڻهو جيڪي پلائيءَ سان انهن جي پيروي ڪن (مثال طور تابعينِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡهِم) انهن جو شان اهو آهي ته الله پاڪ انهن کان راضي ٿي ويو ۽ اهي ماڻهو الله پاڪ کان راضي ٿي ويا (ته الله پاڪ کين غربت، اميري، صحت يا بيماري، جنهن به حال ۾ رکي، اهي ان تي راضي آهن، ڪڏهن به ڪنهن شيءِ جي شڪايت ناهن ڪندا). الله پاڪ انهن لاءِ اهڙيون جنتون تيار ڪيون آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، اهي انهن جنتن ۾ سدائين رهندا، هي نعمتون ملڻ تمام وڏي ڪاميابي آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! نيڪ صالح تابعين جو ڪهڙو نه عظيم شان آهي...!! الحمدلله! اسان جا امام، امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه اهڙا ئي آهن. پاڻ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي خوب پيروي ڪئي، انهن کان علمِ دين سکيو، انهن جي سيرت جي نقشِ قدم تي هليا. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کان رهنمائي وٺي سڄي زندگي عبادت، رياضت ۽ دين جي خدمت ڪندي گذاريائون. هميشه الله پاڪ جي رضا تي راضي رهيا، ڪڏهن به ڪنهن حال ۾ شڪوه نه ڪيائون، بس رحمٰن ۽ رحيم رب جي رضا جا طلبگار رهيا. تنهنڪري اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ کيس راضي آهي ۽ پاڻ جنتي آهن، بلڪ الله پاڪ چاهيو ته سندن صدقي اسان گنهگارن جي به بخشش ٿي ويندي.

ہو نائبِ سرورِ دو عالم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!
سِراجِ اُمّت فقیہِ اَفخم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!

---

[1]... تفسيرِ نعيمى،پاره:11 ،التوبہ،زيرِ آيت:100،جلد:11،صفحہ:28بتغير قليل۔

جو بے مثال آپ کا ہے تقوٰی، تو بے مثال ہے آپ کا فتوٰی
ہیں علم و تقوٰی کے آپ سَنگَم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!([1])

## علم جي آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ

حضرت ڪَعبُ الاَحبار رحمۃ اللہ علیہ جيڪي تابعي بزرگ آهن: فرمائن ٿا: مون اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ هن امت جي عالمن ۽ فقيهن جا نالا پڙهيا آهن، انهن ۾ نُعمان بن ثابت نالي عالِم جو ذڪر بہ موجود هو. انهن جي باري ۾ لکيل هو تہ: هي پنهنجي زماني جي تمام اهلِ علم جا امام هوندا، سندن شخصيت علم جي آسمان تي چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندي، ماڻهو سندن زندگيءَ تي بہ رشڪ ڪندا ۽ سندن وفات تي بہ رشڪ ڪندا.[2]

## امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ جي پياري سيرت

امامِ اعظم جا خاص شاگرد امام ابو يوسف رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: (1): امامِ اعظم هميشہ حرام ڪمن کان بچندا هئا، (2):علمِ دين ڪانسواءِ بي ڪا ڳالهہ ڪرڻ کان ڊِڄندا هئا، (3): تمام گهڻو مجاهدو (يعني نيڪ ڪمن ۾ ڪوشش) فرمائيندا هئا (4):دنيا دارن جي انهن جي منهن تي تعريف نہ ڪندا هئا (5):اڪثر خاموش رهندا هئا (6):ديني مسئلن ۾ غور و فڪر ڪندا رهندا هئا (7):تمام سادا ۽ نرم مزاج هئا (8):پاڻ کان جڏهن ڪو سوال پڇندو هو تہ قرآن ۽ حديث مان ان جو جواب ڳوليندا هئا (9):طبيعت مبارڪ ۾ لالچ بلڪل نہ هئي(10):۽ ڪنهن جو بہ ذڪر ڪندا هئا تہ ڀلائيءَ ڪانسواءِ ڪجهہ نہ فرمائيندا هئا.[3]

---

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:573 ملتقطاً۔

[2]... مناقب ابی حنیفہ للموفق، الباب الثانی فی ذکر الاخبار...الخ، جز:1، صفحہ:20-21۔

[3]...الخیرات الحسان،الفصل الرابع و العشرون،صفحہ:82 ملتقطًا۔

الله پاڪ اسان کي امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ جو فيضان نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: دارُالسنة

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي علمِ دين جو نور ونڊڻ ۽ مختلف ذريعن سان علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. انهيءَ مقصد تحت دعوتِ اسلامي جي ديني مرڪزن ”فيضانِ مدينہ“ ۾ هڪ شعبو ”دارُ السنّه“ جي نالي سان قائم آهي. هن وقت سڄي پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ 29 دارُ السنّه قائم آهن.

شعبو دارُ السنّه هڪ ديني اڪيڊمي طور ڪم ڪري ٿو ❖ هتي اسلامي ڀائرن جي ديني ۽ تنظيمي تربيت ڪئي ويندي آهي ❖ اسلامي ڀائر پنهنجي سهولت موجب تشريف آڻي علمِ دين حاصل ڪندا آهن ❖ مختلف سنتون ۽ آداب سکندا آهن ❖ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن (مثلاً درس ڪيئن ڏيڻو آهي؟ انفرادي ڪوشش جو طريقو ڪهڙو آهي؟ اجتماع جي دعوت ڪيئن ڏيڻي آهي؟ قافلن لاءِ اسلامي ڀائرن کي ڪيئن تيار ڪرڻو آهي؟ انهن سيني ۽ ٻين ديني ڪمن) جي تربيت حاصل ڪندا آهن ❖ دارُالسنّه جا تربيت يافتہ اسلامي ڀائر نہ صرف پاڻ قافلن جا مسافر بڻجندا آهن❖ بلڪ ٻين کي بہ سفر ڪرائڻ وارا بڻجي ويندا آهن. توهان بہ پنهنجي آساني جي مطابق دارُالسُنّہ تي وقت ڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! ان جون خوب برڪتون حاصل ٿينديون.

## ايپلي ڪيشن جو تعارف: بهارِ شريعت

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ مختلف اندازن سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. ان سلسلي ۾ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي (I.T) ڊپارٽمينٽ

طرفان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائيل ايپلي ڪيشن بعنوان **بهارِ شريعت** لانچ ڪئي وئي آهي. صدر الشريعہ، مولانا امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ جي مايہ ناز تصنيف بهارِ شريعت جون ٽئي جلدون هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآن جون آيتون، احاديث، اصطلاحون ۽ لغت بہ هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن. توهان هن ايپلي ڪيشن ۾ مطلوبہ متن (Text) ڳولي بہ سگهو ٿا. سرچ (Search) کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ان ۾ اردو ڪيبورڊ جي سهولت پڻ موجود آهي تہ جيئن ايپلي ڪيشن ۾ ڳولا ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت **80** کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلحَمدُلله!
❖ڪنزالمدارس بورڊ (*Kanzul Madrasah Board*) جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي، ❖ هزارين جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تَخصُصَات (*Specialization*) ۽ فرض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ❖ جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد لکن ۾ آهي، ❖ وڏي عمر وارن اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي، فيضان آن لائن اڪيڊمي (*Faizan Online Academy*) جي ذريعي ديني تعليم ڏيڻ جو سلسلو بہ جاري آهي، ❖ ديني ۽ شرعي رهنمائي جي لاءِ **دارالافتاء اهل سنت** قائم ڪيا ويا آهن، ❖ المدينۃُ العلميہ(اسلامِڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (*Religious literature*) تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، ديني لٽريچر جي اشاعت جي

لاءِ اشاعتي ادارو مكتبةُ المدينه قائم ڪيو ويو آهي، ❖ دنيا پر ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن، ❖ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اُهي فَارِغُ الْبَال(يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن، ❖ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي ٻه خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي ❖ پرنٽ ميڊيا(۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينه جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي) ❖ سوشل ميڊيا (مثلاً، يوٽيوب (*Youtube*)، فيس بڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي مجموعي طورر تي لکين فالورز (*Millions Followers*) آهن جڏهن ته ويوز جو تعداد بلينز (*Billions*) يعني اربن کان ٻه وڌيڪ آهي ❖ ان کان سواءِ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگلا زبانن ۾، ڪِڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت جاري آهي.

**توهان ٻه خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجو چندو دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن ٻه جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته جيئن وڏندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

## ڪجھ ضروري اعلان

هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ (تقريبن 8:30 وڳي) اِنْ شَاءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميوار ۽ عاشقانِ رسول پاڻ بہ هن مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **”جيڪا آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي پسند اها پنهنجي پسند“** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا (مثلاً واٽس ايپ وغيره) استعمال ڪن ٿا، اهي الله جي رضا ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين کي بہ شيئر (Share) ڪن. شعبان شريف اهو بابرڪت مهينو آهي جنهن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مهينو ارشاد فرمايو. انهي عظيم نسبت جي برڪت سان مڪتبةُ المدينہ ايمان افروز رسالا شايع ڪيا آهن: (1) آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو (2) فيضانِ شعبان.

انهن رسالن ۾ شعبان شريف جا فضائل، عبادتون، نوافل، درودِ پاڪ جي ڪثرت ۽ گناهن کان بچڻ جي ترغيب کي انتهائي آسان ۽ عام فهم انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. رسالو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 26 رپين ۾ ۽ فيضانِ شعبان 20 رپين ۾ حاصل فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي پڄاڻي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ ڪائنات صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهر وارن تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرامينِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: (1): قيامت جي ڏينهن عملن جي پُڙ (ميزان) تي سڀ کان ڀريان ڀانهي جو پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو.[2] (2): جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪري، ته اهو ان لاءِ صدقو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! گهر وارن تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجي گهر وارن تي خرچ فرمائيندا هئا. حديثِ پاڪ موجب، هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهو به آيو جو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجي گهر وارن لاءِ سال ڀر جو اناج گڏ فرمائي ڇڏيندا هئا.[4]

هن حديثِ پاڪ جي تحت مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہ علیہ جيڪا شرح بيان ڪئي، ان جو خلاصو هي آهي ته: سرڪارِ عالي

[1]... مشكوٰة،كتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
[2]...معجم الاوسط،جلد:4، صفحه: 329، حديث: 6135۔
[3]...مسلم،كتا ب :الزكاة، صفحه:502، حديث:1002۔
[4]... احياء العلوم، كتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343۔

وقار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو سڄي سال لاءِ اناج گڏ فرمائڻ، بنو نضير جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جي ڳالهہ آهي. اهو بہ ياد رهي تہ حضور صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جيتوڻيڪ سال ڀر جو اناج گڏ فرمائيندا هئا، پر ازواجِ پاڪ گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، سڄي سال جو اناج جلد ختم ٿي ويندو هو ۽ نوبت فاقن تائين پهچي ويندي هئي.[1]

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے

رسولِ اڪرم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو سال ڀر جو اناج گڏ فرمائڻ ان ڪري هو تہ جيئن هي عمل امت جي حق ۾ سنت بڻجي وڃي، ٻي صورت ۾ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جا اهلِ خانہ ڪمزور دل نہ هئا (بلڪ اهي حضرات الله پاڪ تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا هئا).[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبةُ المدينہ جي بهارِ شريعت جلد: 3، حصو: 16، ۽ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتھم العالیہ جو 91 صفحن جو رسالو ”**550سنتون ۽ آداب**“ خريد ڪريو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو([3])

[1]... مرآةُ المناجيح، جلد:5، صفحہ:949۔

[2]... احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:669۔

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277
2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
3...القول البديع، الباب الاول، ص125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى کيفية الصلاة ...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455